# گوشه سنڌي

## غير مسلمن سان تعلقات سيرت طيبه جي روشنيءَ ۾

☆پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڊڙ

حامدا و مصليا اما بعد: جناب صدر مجلس، معزز علماء ڪرام، اساتذه عظام معزز سامعين ناظرين السلام عليڪم و رحمت الله. اڄ جي هن برڪت ڀري محفل ۾ مون کي پنهنجي خيالات جي اظهار ڪرڻ جي لاءِ جيڪو مقالي جو موضوع ڏنو ويو آهي اهو تمام اهم موضوع آهي يعني "غير مسلمن سان تعلقات سيرت طيبه جي روشنيءَ ۾"

جيئن ته هيءَ حقيقت پنهنجي جاءِ تي مسلم آهي ته دين اسلام دين فطرت آهي ان دين ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ جو سامان موجود آهي. ضرورت رڳو عمل جي آهي ته اسان ان ڏس ۾ ڪيترا مخلص آهيون. جناب سرورِ ڪائنات ﷺ جي سهڻي سيرت روز اول کان روز آخرت تائين کليل ڪتاب وانگر موجود آهي. ڪافرن سان پاڻ ڪريم ﷺ جي حسن سلوڪ ۽ تعلقات جا ڪيترائي واقعا شاهد آهن. يورپ جا تاريخ نويس تحرير ذريعي دعويدار آهن ته هي واقعات ان وقت تائين جا آهن جيستري تائين اسلام ضعيف هيو. تنهنڪري اسان ان عنوان جي ذريعي رڳو اهي واقعا نقل ڪنداسين جنهن زماني ۾ حذهن مخالفن جون قوتون ختم ٿي چڪيون هيون، حضور ﷺ جن کي پورو اقتدار

---

☆(ايسوسي ايٽ پروفيسر)بيورو آف ڪريڪيوليم سنڌ

حاصل ٿي چڪو هو. ابو بصره غفاري جو بيان آهي ته جڏهن هو ڪافر هيو. مديني منوره ۾ حضور ﷺ جو اچي مهمان ٿيو. رات جو حضور ﷺ جن جي سمورين ٻڪرين جو کير پي ڇڏيائين ۽ نبوت جو پورو گهراڻو پوري رات بکيو رهيو.(۱) پر پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس ڪجهه به نه چيو. اهڙي قسم جو ٻيو واقعو حضرت ابو هريره رضه بيان ڪن ٿا ته هڪ رات جو هڪ ڪافر حضور ﷺ جن وٽ اچي مهمان ٿيو پاڻ ڪريم ﷺ جن ان آڏو هڪ ٻڪريءَ جو کير رکيو ان پيتو پوءِ ٻي ٻڪريءَ جو کير ڏهي ڏنو ويو اهو به پيتائين پوءِ ٽين ٻڪريءَ جو اهڙيءَ ريت ستن ٻڪرين جو کير پي ڇڏيائين پر پاڻ ڪريم ﷺ جن جي منهن مبارڪ تي ان جو ڪوبه اثر ناراضگيءَ جو ظاهر نه ٿيو. حضور ﷺ جن جي ان حسن سلوڪ جو اهو اثر ٿيو جو هو صبح جو مسلمان ٿي چڪو هو ۽ هاڻي هڪ ٻڪريءَ جي کير تي قناعت ڪرڻ لڳو.(۲)

حضرت اسماء رضه بيان ڪري ٿي ته صلح حديبيه جي زماني ۾ سندن ماءُ مشرڪ هئي ان سان برتاءَ بابت رسول الله ﷺ کان دريافت ڪيائين. پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو ان سان سهڻو سلوڪ ڪر.(۳)

حضرت ابو هريره رضه جي والده ڪافره هئي ۽ پٽ سان گڏ مديني شريف ۾ رهندي هئي. بي خبريءَ سبب حضور ﷺ جن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي هئي. حضرت ابو هريره رضه ضور ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ ۾ عرض ڪيو. پاڻ بجاءِ غصي ۽ ڪاوڙ جي سندس والده لاءِ دعا جي لاءِ هٿ کنيا.(۴)

حضور ﷺ جي حيات طيبه ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏکيو معاملو منافقن جو هيو. هي هڪ ڪافرن جو جٿو هيو جنهن جي سرواڻي عبدالله بن ابي ڪري رهيو هيو. ان جي اڳوائيءَ ۾ هڪ منافقن جي جماعت تيا ٿي وئي جيڪي اسلام جي خلاف هر قسم جي سازشن سٽڻ ۾ رات

ڏينهن مصروف هوندا هئا. حضور ﷺ انهن جي حالتن ۽ انهن جي نالن نشانن کان به واقف هئا پر پاڻ عفو ۽ درگذر ۽ حسن سلوڪ جي ڪري انهن تي ڪافرن وارا حڪم جاري نه فرمايا۽ هميشه وانگر انهن سان سهٺو سلوڪ ڪندا رهيا.

حضور ﷺ جن جي ان برتاءِ ۾ ڪافر، مسلمان، دوست، دشمن، مٽ مائٽ ۽ ڌاري ۾ ڪوبه فرق نه هيو. رحمت ۽ شفقت جو مينهن سڀني لاءِ هڪ جهڙو وسندو رهيو. يهودين کي حضور ﷺ سان جهڙي سخت دشمني ۽ عداوت هئي ان جي شهادت غزوه خيبر جي هڪ واقعي مان ملي ٿي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جو طرزِ عمل ڪيترو وقت اهڙو رهيو جو جيتري تائين ڪنهن به معاملي بابت ڪو مستقل حڪمُ نازل نه ٿيندو هوپاڻ ﷺ انهن جي دين جي تقليد ڪندا هئا.(٥)

هڪ ڀيري هڪ يهوديءَ ڀري بازار ۾ چوڻ لڳو قسم آهي ان ذات جو جنهن موسيٰ عليه السلام کي سمورن نبين تي فضيلت ڏني. هڪ صحابي اهو ٻڌي رهيو هو ان کان نه رهي سگهيو ان کان پڇڻ لڳو ڇا حضرت محمد ﷺ تي به؟ ان چيو ها. صحابي ڪاوڙ ۾ اچي يهوديءَ کي ٿڦ هنيائين. حضور ﷺ جي عدل ۽ اخلاق تي دشمنن کي به اهڙو ڀروسو هيو جو اهو يهودي حضور ﷺ وٽ انصاف لاءِ حاضر ٿيو. پاڻ ڪريم ﷺ ان صحابيءَ تي ناراض ٿيا ۽ ڪيس انصاف ڏياريائون.(٦)

هڪ ڀيري هڪ يهوديءَ جو پٽ بيمار ٿيو ته پاڻ ڪريم ﷺ ان جي تيمارداريءَ لاءِ وٽس تشريف فرما ٿيا ۽ ان کي اسلام جي دعوت ڏيڻ شروع ڪيائون ان تي هو پنهنجي پيءُ ڏانهن واجهائڻ لڳو ۽ پيءُ کان مرضي پڇڻ لڳو ته سندس والد چوڻ لڳو ته پاڻ ڪريم ﷺ جيڪو فرمائن ٿا ان کي پورو ڪر. ايئن هو ڪلمو پڙهي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيو. هڪ ڀيري رستي تان هڪ يهوديءَ جي جنازي جو گذر ٿيو ته پاڻ ڪريم ﷺ جنازي جي احترام ۾ اٿي بيٺا.(٧)

حضور ﷺ جن جي ويجهو پهتو پر حضور ﷺ جن جا ٽي پيرا معجزا ڏسي پنهنجي بري خيال کان توبه ڪيائين ۽ خواهش ڪيائين ته ڪيس امان جو پروانو ڏنو وڃي. پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جي خواهش کي پورو ڪيو.(١٠)

ان واقعي مان اٺ سال بعد مڪي جي فتح جي وقت اسلام آندائين پر پاڻ ڪريم ﷺ جن ان بابت ڪڏهن به ڪيس محسوس نه ڪرايو.(١١)

عمير بن وهب حضور ﷺ جن جو جاني دشمن هيو بدر جي مري ويلن جي بدلي وٺڻ لاءِ جڏهن سڀ قريشي بي تاب هئا ته صفوان بن اميه ڪيس وڏي انعام جي واعدي تي مديني موڪليو ته هو حضور ﷺ کي لڪي بي شهيد ڪري (نعوذ بالله) جڏهن هو مديني آيو ته ان جي ارادن کي ڏسي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. حضرت عمر رضه انتي سختي ڪرڻ گهري پر پاڻ ڪريم ﷺ ڪيس منع فرمايو ۽ عمير بن وهب کي پنهنجي ويجهو ويهاري ڪائنس حال احوال جي ذريعي ان جي اچڻ جو مقصد معلوم ڪيو پر پاڻ ڪريم ﷺ ان کي ڪجهه به نه چيو اهو ڏسي ڪري هن اسلام آندو ۽ مڪي ۾ واپس وڃي اسلام جي دعوت کي عام ڪيائين. هي واقعو سن 2 هجريءَ جو آهي.(١٢)

صلح حديبيه جي زماني ۾ هڪ پيري اسي ماڻهن جو هڪ دستو منهن اونداري ۾ جبل تنعيم کان هيٺ لهي آيو. اچڻ جو مقصد حضور ﷺ جن کي قتل ڪرڻ جو هيو پر اتفاق سان اهي ماڻهو گرفتار ٿي ويا پر پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪين معاف ڪري ڇڏيو. قرآن مجيد ۾ هيٺين آيت ان واقعي بابت نازل ٿي آهي:(١٣)

"و هو الذى كف ايديهم عنكم و ايديكم عنه" (فتح)

ترجمو: ان الله انهن جا هٿ توهان کان ۽ توهان جا هٿ انهن کان جهلي ڇڏيا.

خيبر ۾ هڪ يهوديءَ حضور ﷺ جن کي کاڌي ۾ زهر ڏنو. پاڻ ڪريم ﷺ جڏهن کاڌو کاڌائون ته زهر جو اثر محسوس ڪيائون. پاڻ يهودين کي سڏي پڇيو ته انهن اقرار ڪيو پر پاڻ ڪنهن به يهوديءَ کي سزا نه ڏني پر جڏهن ان زهر جي اثر جي ڪري هڪ صحابي سڳوري جي وفات ٿي ته پاڻ ﷺ رڳو ان يهودي عورت کي قصاص ۾ قتل ڪرايو. حالانڪه حضور ﷺ جن تي به ان زهر جو اثر محسوس ٿيندو رهندو هو.(۱۴)

اهي قريش مڪه جن ٽن سالن تائين پاڻ ڪريم ﷺ کي محاصري ۾ رکيو ۽ سماجي معاشي بائيڪاٽ ڪيو انهن جي شرارتن جي ڪري نبوي رحمت جو دعائن وارو رحمت پريو ڪڪر انهن کان پري ٿي ويو جنهن جي ڪري مڪي ۾ اهڙو سخت ڏڪر پيو جو ماڻهو هڏا ۽ مردار کائڻ لڳا. ابو سفيان حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو ته محمد! تنهنجي قوم هلاڪ ۽ برباد ٿي رهي آهي خدا کان دعا گهرو ته هيءَ مصيبت دفع ٿي وڃي. پاڻ ڪريم ﷺ اهو ٻڌڻ کان پوءِ دعا جي لاءِ هٿ کڻن ٿا ايئن الله تعاليٰ کين ان مصيبت کان نجات ڏني.(۱۵)

جنگ احد ۾ دشمنن پاڻ ڪريم ﷺ ڏانهن پٿر نيزا وسايا، تلوارون هلايون، ڏندن مبارڪن کي شهيد ڪيائون. پيشاني مبارڪ رت آلوده ٿي وئي پر انهن حملن جي بدلي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ هيءَ دعا فرمائي:

"اللّٰهم اهد قومي فانهم لا يعلمون"

اي الله! منهنجي قوم کي معاف فرماءِ هي بي سمجهه آهن.

اڳتي هلي انهن جي نسل مان اهڙا جان نثار مسلمان پيدا ٿيا جن اسلام جي خدمت ۾ پاڻ ملهايو.

اهي طائف وارا جن اسلام جي دعوت جو جواب پوگ ۽ چرچي

سان ڏنو، حضور ﷺ جن ڏانهن پٽر اڇلايا جنهن جي نيتيجي ۾ حضور ﷺ جن رت و ڇاڻ ٿي ويا، انهن بابت ملائڪ پڇن ٿا ته حڪم ٿئي ته انهن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيون. بارگاه رسالت مان جواب مليو ته شايد انهن جي نسل مان ڪو خدا جو پرستار پيدا ٿئي.(١٦)

ڏهن سالن کان پوءِ اهو ئي طائف اسلام جو مرڪز بڻجي ويو. دوس جو قبيلو يمن ۾ رهندو هو. طفيل بن عمرو دوسي ان قبيلي جو سردار هيو جيڪو گهڻي وقت کان مسلمان هيو. گهڻي عرصي کان هو پنهنجي قبيلي کي اسلام جي دعوت ڏيندو رهيو ۽ اهي پنهنجي پراڻي ڪفر تي قائم رهيا. هو نااميد ٿي بارگاه رسالت ۾ پنهنجي ڪافر قبيلي جي بد دعا لاءِ عرض ڪري ٿو. ماڻهن جڏهن اهو ٻڌو ته چوڻ لڳا ته هاڻي دوس قبيلي جي تباهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي پر رحمت للعالمين انهن جي لاءِ تباهيءَ جي بجاءِ هدايت جي دعا هنن لفظن ۾ فرمائي:(١٧)

"اللّٰهم اهد دوساً وات بهم"

ترجمو: اي الله! دوس قبيلي کي هدايت ڪر ۽ انهن کي اسلام ۾ آڻ.

رئيس المنافقين عبدالله بن ابي بن سلول اهو شخص هو جيڪو پوري ڄمار حضور ﷺ ۽ مسلمانن خلاف سازشون سٽيندو رهيو ۽ هميشه اسلام ۽ مسلمانن کي نقصان پهچائيندو رهيو. حضرت ام المؤمنين عائشه صديقه رضہ تي بهتان هڻڻ وارن مان سيني کان اڳ کان اڳرو هيو، انهن سمورين ڳالهين جي باوجود جڏهن هو فوت ٿيو ته پاڻ ﷺ ان جي بخشش جي لاءِ نماز پڙهي. ان تي حضرت عمر رضہ عرض ڪرڻ لڳو ته اي الله جا رسول! اوهان هن جي نماز پڙهو ٿا جنهن اسلام ۽ مسلمانن کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪابه ڪسر نه ڇڏي. پاڻ فرمايائون: اي عمر! جيڪڏهن مون کي اختيار ڏنو وڃي ها ته جيڪڏهن ستر ڀيرا نماز پڙهان ته انجي بخشش ٿي سگهي ته ان کان به وڌيڪ پڙهان ها.(١٨)

مذڪوره مفصل بيان مان سيرت طيبه جي روشنيءَ ۾ غير

مسلمانن سان تعلقات جي حوالي سان بيان ٿيو جنهن مان انسانيت جي عظمت جو درس ملي ٿو.

غير مسلمن سان تعلقات جي حوالي سان رب ڪائنات به پنهنجي ابدي ڪلام ۾ هن ريت رهنمائي فرمائي آهي:

"لا ينهٰكم الله عن الذين لم يقاتلونكم فى الدين و لم يخرجوكم من دياركم ان تبروهم و تقسطوا اليهم ان الله يحب المقسطين ٥ انما ينهٰكم الله عن الذين قاتلوكم فى الدين و اخرجوكم من دياركم و ظٰهروا علىٰ اخراجكم ان تولوهم و من يتولهم فاولٰئک هم الظالمون.(١٩)

ترجمو: اللّٰه اوهان کي انهن کان نٿو روڪي جن نه اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ ڪئي ۽ نه اوهان کي پنهنجي گهرن مان ٻاهر ڪڍيو ته اوهان انهن سان ڀلائي ڪريو ۽ انهن سان انصاف جو معاملو ڪريو. بيشڪ اللّٰه تعاليٰ انصاف وارن کي دوست رکي ٿو. اللّٰه رڳو اوهان کي انهن کان روڪي ٿو جن اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ ڪئي ۽ اوهان کي پنهنجن گهرن مان ٻاهر ڪڍيو ۽ اوهان جي ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي ته اوهين انهن سان دوستي نه رکو ۽ جيڪي سائن دوستي رکندا سي ئي (مسلمانن تي) ظلم ڪندڙ آهن.

مٿين آيتن مان هيءُ ڳالهه واضح ٿي ته اسلام جي چوڏهن سو سال تاريخ هن ڳالهه جي شاهد آهي ته مسلمانن جي معاشرن ۾ غير مسلم اقليتن، يهودين، عيسائين ۽ هندن وغيره سان سڪون، عزت ۽ وقار سان گڏ مسلمان زندگي گذاريندا هئا. انهن کي مذهبي ، معاشي ۽ ثقافتي سرگرمين جي مڪمل اجازت رهي آهي.(٢٠)

اسلام دنيا ۾ امن امان چاهي ٿو پر جيڪڏهن اسلام جا مخالف امن نٿا چاهين ۽ فتنو فساد ڪرڻ چاهين ٿا ته انهن سان هيٺين صورتن ۾ جهاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي:

١۔ جيڪڏهن دشمن مسلمانن تي حملو ڪن ۽ انهن تي جنگ مڙهن ته مسلمانن تي فرض آهي ته پنهنجي دفاع ۾ انهن سان وڙهن.

٢۔ مسلمانن جا دشمن جڏهن ڪين وطن ڪان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪن ته انهن ظالمن سان جنگ ڪن.

٣۔ دشمن معاهدي ڪان انحراف ڪن.

۴۔ ڪافر ۽ مشرڪ جيڪڏهن مذهبي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ وجهن ۽ آزادي سلب ڪن ته انهن سان جنگ ڪيو.

۵۔ ڪافر ۽ مشرڪ پنهنجي ملڪ ۾ آباد مسلمانن جي مٿان ظلم ڪن ته انهن جي مدد لاءِ جنگ ڪرڻ جو حڪم آهي.

٦۔ اسلامي رياست ۾ فتنو ۽ فساد ڪرڻ وارن جي خلاف جنگ ڪئي وڃي تانته ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ٿي سگهي.(٢١)

و ما علينا الا البلاغ

## حوالا:

(١) مسند ابن حنبل، ج٦، ص: ٣٩٠
(٢) جامع ترمذي باڪب ان المومن ياڪل في مياء واحده
(٣) صحيح بخاري: محمد بن اسماعيل بخاري، باب صلت الوالد المشرڪ
(۴) صحيح بخاري: ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري
(۵) صحيح بخاري: محمد ابن اسماعيل بخاري، تفسير سورت

المنافقون

(٦) صحيح بخاري ۾ هي قصو متعدد روايتن ۽ متعدد طريقن سان نقل ٿيل آهي.

(٧) الجامع الصحيح البخاري: محمد بن اسماعيل بخاري، ڪتاب الجنائز.

(٨) صحيح مسلم ڪتاب الادب، ج ٢، ص: ٢٣٩، مطبوعه مصر.

(٩) زاد المعاد.

(١٠) صحيح بخاري: ابو عبدالله محمد بن اسماعيل، باب الهجرت.

(١١) سراقه بن مالڪ بن جعشم مديحي جو حال استيعاب ۽ اصابه ۾ مزيد ڏسي سگهجي ٿو.

(١٢) تاريخ طبري بروايت عروه بن زبير.

(١٣) جامع ترمذي: تفسير سورت فتح.

(١٤) الجامع الصحيح البخاري: ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري، باب وفات النبي صه.

(١٥) ساڳيو. تفسير سورت دخان، بخاري، ج ٢

(١٦) صحيح بخاري: محمد بن اسماعيل بخاري.

(١٧) الصحيح المسلم: مناقب دوس.

(١٨) الصحيح البخاري: ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري ڪتاب الجنائز. بحواله: سيرت النبي علامه شبلي نعماني، علامه سيد سليمان ندوي رحه، الفيصل ناشران و تاجران ڪتب غزني اسٽريٽ اردو بازار لاهور.

(١٩) قرآن مجيد: سورت الممتحنه، آيت: ٨_٩

(٢٠) اسلامڪ اسٽڊيز (لازمي) ڊگري ڪلاسن لاءِ. ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ.

(٢١) ساڳيو.